محمد علي لغاري

# پير حسام الدين راشديءَ جون لطيفيات ۾ علمي خدمتون


## Abstract:

*Well Known Scholar, Researcher and intellectual Pir Hussam-U-Din Rashdi was born on 20th September, 1911, in Village Bihman, Taluka Ratodero, District Larkana. His forefathers were great scholars of their own time. He belonged to a religions and feudal family but his tilt towards education and literature was from an early age. Journalism, Poetry, Critics, Fiction and Historical research were his subjects of interest. He had special interest in and was mainly focused on history, with Shah Latif's poetry also being one of his favorite subjects. Rashdi Sahib's writing about Shah Abdul Latif are as under:*

1. *Shah Latif was not the inventor of Kaafi.*
2. *Preface of Hafiz Mohammad Ahsan Chana's Book "Shah Jo Pegham".*
3. *A Paper/ Presidential Speech which was delivered on the eve of Shah Latif's 209th Anniversary Adabi Conference in Bhit Shah on 28th July 1961.*
4. *A preface of Moulana Deen Mohammad Wafaee's Book "Shah Ji Shairee jo Mutalio".*
5. *Foreword on Urdu translation of "Shah Jo Risalo" by Shaikh Ayaz.*

*In above writings Pir Sahab has shown his great admiration to Shah Abdul Latif, and expressed his observations and opinion from a researcher's point of view.*


**سنڌ** جو عظيم محقق، تاريخدان، شاعر، اديب، صحافي، افسانہ نگار، ناول نگار ۽ سوانح نگار ڊاڪٽر سيد حسام الدين راشدي ولد سيد حامد شاهہ راشدي ٢٦ رمضان المبارڪ ١٣٢٩ھ مطابق ٢٠ سيپٽمبر ١٩١١ع تي خميس جي ڏينهن صبح جو ساڍي ستين بجي ڳوٺ ٻهمڻ تعلقي رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.[۱] سندس وڏن مان سنڌ جون نهايت ناميارين شخصيتون جهڙوڪ سيد محمد بقا، حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي، سيد صبغت الله شاهہ اول عرف تجرڌڻي، پير علي گوهر شاهہ اصغر عرف بنگلي ڌڻي، سيد حزب الله شاهہ راشدي عرف تخت ڌڻي، پير علي اصغر شاهہ راشدي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





عرف محفہ ڌڻي، پير شاهہ مردان شاهہ عرف ڪوٽ ڌڻي، پير صبغت الله شاهہ راشدي عرف سورهيہ بادشاهہ، پير سيد محمد ياسين شاهہ عرف پير جهنڊي وارو، پير رشيد الدين شاهہ، پير رشدالله شاهہ، پير تراب علي شاهہ ۽ سيد پير شاهہ ٽي گذريون آهن، جن پنهنجي دؤر ۾ علم ادب، ثقافت، تصوف ۽ سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان ڪان سواءِ پير صاحب جو وڏو ياءُ پير علي محمد شاهہ راشدي پڻ پنهنجي علمي ادبي، سماجي ۽ سياسي ڪارنامن سبب پنهنجي دؤر جي هڪ نامياري شخصيت هو.

پير صاحب جي پيدائش وقت سنڌ تي انگريزن جي حڪومت هئي، ان دؤر ۾ سنڌ جي وڏن وڏن شهرن ۾ تہ اسڪول، ڪاليج هئا، پر ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ ان طرف ڪو ڌيان نہ ڏنو ويو هو، اهو ئي سبب آهي، جو سنڌ ۾، ان وقت صدين ڪان قائم ٿيل رسم رواج مطابق وڏ گهراڻا، پنهنجن ٻارن کي خانگي طرح پڙهائيندا هئا. راشدي پائرن (پير علي محمد شاهہ راشدي ۽ حسام الدين راشدي) لاءِ بہ سندن مائٽن پاران خانگي طرح پڙهائڻ جو بندوبست ڪيو ويو. سندن ڏاڏي ۽ سندن والده جي دلچسپيءَ ڪري ٻنهي پائرن جي تعليم جو سلسلو اڳتي هليو.

تعليم سان گڏ، ٻنهي پائرن کي سندن گهريلو علمي ادبي ماحول پڻ علم ادب ڏانهن همٿايو، جنهن جي منظرڪشي ڪندي، پير حسام الدين ٻڌائي ٿو: "اسان جي گهرن منجهہ علم، شعر و شاعري، حافظ ، مثنوي، شاهہ نامہ وغيره جو چرچو هو ۽ هر شام جو ڏاڏي مرحوم جي محفل لڳندي هئي. مون تي انهيءَ جو اثر پوندو رهيو."[۲] جيتوڻيڪ ان وقت سنڌ جي پيرن، زميندارن ۽ وڏيرن جي رهڻي ڪهڻي ۽ زندگيءَ جو علم ادب سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هو، پر هنن راشدي پائرن جو مزاج، ننڍي هوندي ڪان ئي پنهنجي آسپاس جي ماحول ڪان بلڪل مختلف ۽ غير معمولي هو، جنهن ۾ سندن خانداني پسمنظر سان گڏ، سندن والده جو پڻ هٿ هو، جيئن پير علي محمد شاهہ راشدي لکي ٿو: "اسان جو خانداني ڌنڌو زمينداري هو، يعني اسين پير سان گڏ وڏيرا بہ هئاسون. چؤ طرف وڏيرڪو ماحول هو. ڳوٺاڻي زندگي، هر پاسي اڻڄاڻائي ۽ جهالت، سستي ۽ ڪاهلي، ڏاڍ ڏمر، وندر ورونهن، چوري چڪاري، چڪتاڻ، وڏن وڏيرن ۽ جاگيردارن کي ڏسبو هو تہ اهي عيش عشرت ۽ اجاين ڳالهين ۾ ڪيئن نہ پنهنجي زندگي وڃائيندا هئا. ميڙا ملاکڙا ڪرائيندا هئا، ڪڪڙ ويڙهائيندا هئا، سوئرن ۽ ڪتن جي ويڙهہ ڏسندا هئا. پاڻ کان ڏاڍن جي خوشامد ڪندا هئا ۽ پاڻ کان ڪمزورن جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نڙيءَ تي لت رکيو ويٺا هوندا هئا. اهي ئي ماڻهو هئا، جن پوءِ سنڌ جي سياست ۾ گهڙي ايترو گند پکيڙيو. حسام الدين ۽ آءٌ اهڙن ماڻهن کان سخت نفرت ڪندا هئاسون. اسين سنڌن ويجهو برابر هئاسون، پر انهن مان بنهه نہ هئاسون. سنڌن دنيا سان ذهني طرح اسان جو ڪوبہ واسطو ڪونہ رهيو هو. انهيءَ ذهني انقلاب آڻڻ ۾ اسان جي والده مرحومہ جو وڏو هٿ هو. پاڻ هر وقت اسان کي اهو ئي سمجهائيندي رهندي هئي تہ 'زمانو ڦرڻ وارو آهي. وڏيرڪي ۽ پيري جٽاءُ نہ ڪندي. جيڪڏهن علم حاصل ڪندؤ، محنت ڪندؤ ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ سکندؤ تہ ڪي ڪري سگهندؤ، ڪي ٿي سگهندؤ، نہ تہ ڌڪا پيا کائيندؤ.' الله سائين امڙ کي شل جنت ۾ جايون ڏئي. هوءَ پاڻ تہ پڙهيل لکيل نہ هئي، پر وڏي دانا ۽ دوُر انديش هئي."(٣)

اهڙيءَ ريت، راشدي صاحب جي تعليم، تربيت ۽ ذهني اوسر ٿي ۽ پوءِ هو پنهنجي ذاتي مطالعي جي غير معمولي شوق ۽ لڳاءَ سبب ننڍيءَ عمر ۾ ئي ١٩٢٥ع ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ پير علي محمد شاهہ راشديءَ جي سنڌس اخبار 'الراشد' جي ڪڍڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو. بعد ۾، هفتيوار 'المنار' سکر، هفتيوار 'پيغام' شڪارپور، هفتيوار 'سنڌ زميندار' سکر، هفتيوار 'ستاره سنڌ' سکر، هفتيوار 'قرباني' ڪراچي، تہ ماهي 'مهراڻ' حيدرآباد، تہ ماهي 'پارس' (فارسي) ڪراچي، اخبارن ۽ رسالن سان وابستہ رهيو.

شروعاتي دوُر ۾ لڪ چپ ۾ ٿوري گهڻي شاعري پڻ ڪندو هو، تخلص هوس 'فدائي'.(٤) پر پوءِ راشدي صاحب جي علمي ادبي زندگيءَ ۾ صحافت سان گڏ، افسانہ نگاري، ناول نگاري ۽ اڳتي هلي تحقيق ۽ تاريخ جا علمي ۽ عملي دائرا شامل ٿيندا ويا. تنهن ڪري راشدي صاحب جي علمي ادبي زندگي کي هيٺين ٽن دوُرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(الف) شاعراڻو دوُر (١٩٢٤ع- ١٩٢٦ع)

(ب) افسانوي دوُر (١٩٢٨ع-١٩٣١ع)

(ث) تحقيقي دوُر (١٩٣٢ع- وفات تائين)

پير صاحب جي علمي خدمتن جو گهڻو حصو جيتوڻيڪ تاريخ، تحقيق ۽ چند چاڻ تي مشتمل آهي، پر سندس ادبي خدمتون (جنهن ۾ افسانہ نويسي، تنقيد نگاري ۽ لطيفيات شامل آهي) پڻ اهميت جوڳيون آهن.

افسانہ نويسيءَ ۽ ناول نگاريءَ ۾ سندس افسانا / ناول ' الزليخا'، 'پاڪ دامن عورت'، 'گلن واري ڇوڪري'، 'امانت'، 'بدنصيب شهزادو' ١٩٣٠ع واري ڏهاڪي ۾





ڇپجي پڌرا ٿيا.(٥) جڏهن تہ سوانح نگاريءَ ۾ سندس جڳ مشهور ڪتاب "هو ڏوٿي هو ڏينهن" خاص طور ذڪر جوڳو آهي، جنهن ۾ سماجي تنقيد ان جي هڪ هڪ سٽ مان جهلڪندي نظر اچي ٿي. ان سان گڏ پير صاحب جو لطيفيات سان پڻ گهرو تعلق رهيو.

لطيفيات تي پير صاحب جا مختلف وقتن تي مختلف مضمون ۽ مقالا شايع ٿيندا رهيا، جيڪي هن ريت آهن:

١. شاهہ ڀٽائي ڪافيءَ جو موجد نہ آهي! (ماهوار نئين زندگي ٣-١٩٥٣)

٢.حافظ محمد احسن چنا جي ڪتاب 'شاهہ جو پيغام' لاءِ لکيل ٻہ اکر (ڇاپو ١٩٥٨ع)

٣.شاهہ لطيف جي ٢٠٩ هين ورسيءَ جي موقعي تي ڀٽ شاهہ ۾ ٿيل ادبي ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن ٻي نشست ۾ ٢٩ جولائي ١٩٦١ تي پڙهيل صدارتي خطبو.

٤.مولانا دين محمد وفائيءَ جي ڪتاب 'شاهہ جي شاعريءَ جو مطالعو' جو پيش لفظ (ڇاپو ١٩٦٢ع)

٥.شاهہ جي رسالي جي اردو ترجمي 'رسالہ شاهہ عبداللطيف' جي پهرين ڇاپي (١٩٦٣ع) ۾ شامل 'گذارش'.

٦.واديءَ مهران ڪا الهامي شاعر شاهہ عبداللطيف بهٽائي (اردو) (روزانہ امروز لاهور ٢٧ جون ١٩٦٤ع)

مٿي ڄاڻايل مضمونن ۾ پير صاحب جي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شخصيت، شاعري، فن ۽ فڪر سان بي انتها عقيدت ۽ محبت جو اظهار ملي ٿو، جنهن ۾ هو سندس مقام جي بلنديءَ کان ڀلي ڀت آشنا آهي، جيئن پاڻ چوي ٿو: "شاهہ رڳو سنڌ يا سنڌي زبان جو عظيم شاعر نہ هو، ان جي شخصيت عالمگير آهي. زبان ۽ ولادت ڪري جيتوڻيڪ سنڌ کي ان جي بدولت هڪ لافاني شرف ضرور حاصل آهي پر درحقيقت سندس ذات يا سندس پيغام نہ ڪنهن خاص خطي جي ملڪيت آهي ۽ نہ ڪنهن مخصوص طبقي جي ميراث، هو سڄيءَ انساني برادريءَ جي ميراث آهي ۽ سندس پيغام هر اهلِ دل انسان جي روح ۽ فڪر لاءِ تقويت ۽ تسڪين جو باعث آهي، چاهي ڪو مشرق ۾ رهندو هجي يا مغرب ۾."(٦) ان سان گڏ پير صاحب شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فن ۽ فڪر تي تحقيق ۽ کوجنا جي اڻهوند بابت ڳڻتي ۽ اڻ تڻ جو پڻ اظهار ڪندي، ١٩٦١ع ۾ ڀٽ شاهہ تي ٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ صدارتي خطبي ۾ فرمائي ٿو: "شاهہ صاحب جي سلسلي ۾ منهنجو ذاتي تاثر هي آهي، تہ شاهہ جنهن عزت ۽ مقام جو شاعر آهي، ان پايي جو اڄ تائين ڪو بہ مضمون يا مقالو نہ لکيو ويو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي. انهيءَ جو وڏي ۾ وڏو سبب مواد ۽ تحقيق جي ڪمي آهي. مون کي معاف ڪندا، اسان کي هڪ ٻئي ۾ صاف ۽ ڪليون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن، جنهن سان اسين هڪ ٻئي جي عيبن ثوابن کي پرکي ۽ پروڙي سگهون. هن وقت تائين جنهن به شاهه تي لکيو آهي، تنهن جي آڌو هڪڙو ئي نڪتو پئي رهيو آهي، ته هو پاڻ کي شاهه جي شارحن ۾ شامل ڪرائي. اهڙن لکندڙن جي مقالن ۽ مضمونن ۾ نه تحقيق آهي، نه ئي وري ڪو سير حاصل بحث، جنهن کي ڪا نئين شئي چئي سگهجي."(٧)

پير صاحب اڳتي هلي ساڳئي خطبي ۾ شاهه جي محققن لاءِ رهنمائي واسطي هڪ سرسري خاڪو پيش ڪري ٿو: ”منهنجو خيال آهي ته پهريائين هيٺين عنوانن تي مواد گڏ ڪرڻ ۽ لکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي:

١.شاهه جي دؤر جي سياسي ۽ تمدني تاريخ تي مواد گڏ ڪري مفصل نموني لکجي. پوءِ اسان کي معلوم ٿيندو ته، ڪهڙا محرڪات هئا، جن جي آڌار تي شاهه اهو شعر جوڙيو.

٢.انهيءَ موضوع تي تحقيق ڪئي وڃي ته، شاهه جي زماني ۾ سنڌ ۾ تصوف جون ڪهڙيون ڪهڙيون جديد تحريڪون هيون. انهيءَ مان آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهنداسين ته، انهن تحريڪن ۾ شاهه ڪهڙو حصو ورتو.

٣.مون ڏٺو آهي ته، ١٢ صدي هجري ۾ شاهه کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي شاعر هئا، جن جو ڪلام پڻ اعليٰ درجي جو آهي. اهو جديد اصول آهي ته ڪنهن شاعر جي صحيح تجزيي لاءِ ان جي معاصر شاعرن جي ڪلام جو مطالعو ڪيو وڃي. جنهن ڪري ضروري آهي ته، انهن همعصر شاعرن جا ديوان ڪٺا ڪيا وڃن. ان مان انهيءِ مسئلي جي خبر پوندي ته، شاهه صاحب انهن شاعرن کان منهن موڙي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪهڙيون نيون راهون ورتيون.

٤.شاهه جي دؤر جا ٻيا صوفي مشاهير ڪهڙا هئا؟ اهو ياد رکڻ گهرجي ته، شاعر پنهنجي دؤر جو مؤرخ آهي. فرق رڳو ايترو آهي، جو مؤرخ نهي جوڙي ويهي تاريخ لکندو آهي. انهن تاريخن ۾ وقت جي حڪومتن ۽ حڪمرانن جا اثرات به اچي وڃن ٿا، پر شاعر ڪنهن به بيروني اثرات کان پاڪ ٿي، پوءِ حالات ۽ ماحول جو جائزو وٺي، پنهنجو ڪلام سچي ۽ صحيح صورت ۾ پيش ڪري ٿو. شاهه صاحب جي ڪلام ۾ ڪيئي پهلو غور طلب آهن، مثلاً شاهه عنايت صوفي جي شهادت انهيءَ دؤر جو وڏو سانحو آهي. آخر شاهه صاحب انهيءَ عظيم واقعي کي ڇو نه منظوم ڪيو؟ انهيءَ ڳالهه





جو جواب تڏهن ئي ڏئي سگهجي ٿو، جڏهن انهيءَ دؤر جون تمدني ۽ سياسي حالتون آڏو هجن.

٥.شاهه ۽ شاهه جي خاندان جي صحيح سوانح مرتب ڪجي. سندس استاد ڪير هو، سندس اٿڻي ويهڻي ڪهڙي ۽ ڪيئن هئي...

٦.شاهه جي رسالي جو تحقيقي ايڊيشن شايع ڪرائجي جو رڳو محققن لاءِ هجي."(٨)

پير صاحب جي مٿي ڄاڻايل تجويزن ۾، لطيفيات تي سنڌي ٻوليءَ ۾ نه رڳو تحقيقي ڪم جي اڻ هوند تي ڳڻتي جو واضح اظهار ملي ٿو، پر پير صاحب جيئن ته تاريخي تحقيق جي ميدان جو شهسوار هو، تنهن ڪري پاڻ شاهه لطيف سان انڌي عقيدتمندي بدران ان جي شخصيت، سوانح، فن ۽ فڪر تي حقيقت پسندي تي ٻڌل تحقيق جو خواهان هو. جيئن پير صاحب شاهه لطيف کي شاعريءَ جي صنف ’ڪافيءَ‘ جو موجود قرار ڏيڻ سان پنهنجي اختلاف راءِ جو کليل نموني اظهار ڪيو. پاڻ پنهنجي تنقيدي مضمون ’شاهه ٻٽائي ڪافيءَ جو موجد نه آهي‘ ۾ تاريخي دليل پيش ڪندي لکي ٿو ته:

١.شاهه ’ڪافيءَ‘ جو موجود نه آهي، بلڪ ڪافئنس تقريباً ٻه صديون اڳ سنڌي ادب ۾ ’ڪافي‘ نه فقط موجود هئي، ليڪن مقبول عام هئي.

٢.شاهه کان ٻه سئو ورهيه اڳ ڪيئي ڪافي گو شاعر پيدا ٿيا هوندا، جن جون ڪافيون شيخ لاڏجيو چوندو هو. ظاهر آهي ته هڪ ئي شاعر جو ڪلام بار بار ڪونه ڳايوويندو هوندو.

٣.انهيءَ لحاظ کان هن شڪ جي ڪافي گنجائش موجود آهي، ته قاضي قادن ۽ انهيءَ دؤر جي ٻين شاعرن به ڪافيءَ جي ميدان ۾ طبع آزمائي ڪئي هوندي، ليڪن اسان جو اهو سڄو ادبي خزانو غالباً سمن، ارغونن، همايون ۽ ان کان پوءِ ترخانن ۽ مغلن جي مسلسل انتشار ۽ ڪشماڪش ۾ برباد ٿي ويو ۽ شايد بچيل سچيل پس انداز وري نور محمد ڪلهوڙي جي ڪتب خاني سان گڏ نادر شاهه ايران کڻي هليو ويو.

٤.ڪافي، ڪافيءَ جي نالي سان، شاهه کان ٻه صديون اڳ ئي مشهور هئي. معلوم نه آهي ته، شاهه صاحب تي ان صنف تي وائي جو نالو ڇو وڌو، ان جا اسباب تحقيق طلب آهن.

٥.سنڌي راڳ خواهه زبان ۾ ايتري ڪشش ۽ ميناج هو، جنهن برهان پور جهڙي وسطي هند جي دؤر افتاده ٽڪري ۾ انهن جي باشندن کي به ان سان مانوس ڪري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چڏيو، جنهن جو ڪوبہ تعلق براہ راست سنڌ ۽ سنڌي زبان سان ڪونہ هو ۽ نہ ڪا آمدرفت هئي.“[٩]

پير صاحب جي لطيفيات سان دلچسپي ۽ علمي ادبي تحقيقي خدمتن سبب، ١٩٥٣-١٩٥٤ع ۾ مرڪزي سرڪار ۽ سنڌ يونيورسٽي پاران جڏهن اردو سنڌي لغت ۽ شاهہ جي رسالي جي منظوم اردو ترجمي جون اهم علمي رٿائون هٿ ۾ ڪنيون ويون تہ ان جي نگرانيءَ ۽ معاونت ۾ پير حسام الدين راشديءَ ڪي پڻ شامل ڪيو ويو. پير صاحب انهيءَ اهم علمي ڪم ڪي نهايت دلچسپي ۽ محنت سان سرانجام ڏنو. جيئن فيبروري ١٩٥٩ع ۾ پير صاحب، ڊاڪٽر بلوچ ڏانهن هڪ خط ۾ ڪيس آگاهہ ڪندي لکي ٿو: ”شاهہ جي رسالي جو ترجمو ۽ مقدمو (شيخ اياز وارو) ختم ٿيو. جوبي صاحب جي حوالي ڪيو اٿم، تہ حضرت (علامہ آءِ آءِ) قاضي صاحب جي حوالي ڪري، هن وقت غالباً جوش مليح آبادي وٽ راءِ لاءِ موڪليل هوندو. بهرحال هفتہ عشرہ ۾ اوهان وٽ ايندو.“[١٠] اهڙيءَ ريت شاهہ جي رسالي جو پهريون منظوم اردو ترجمو (جنهن ۾ شيخ اياز جي علمي قابليت سان گڏ پير حسام الدين راشديءَ جي نگراني ۽ رهنمائيءَ جو پڻ عمل دخل هو)، ١٩٦٣ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپجي پڌرو ٿيو تہ چؤطرف وڏي پئماني تي ان جي پليڪار ۽ پذيرائي ڪئي وئي. پير صاحب جي هن علمي خدمت جو اعتراف ڪندي سنڌ يونيورسٽيءَ جو تڏهوڪو وائيس چانسلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقي ’رسالہ شاهہ عبداللطيف‘ جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو: ”جناب سيد حسام الدين راشدي صاحب ڪي اردو ۽ سنڌي ٻنهي زبانن جي ادب تي وڏي مهارت حاصل آهي. تنهن ڪري يونيورسٽيءَ هن منصوبي جي عام نگراني ۽ رهنمائيءَ لاءِ ڪيس درخواست ڪئي هئي جنهن ڪي هن ڪمال مرحمت سان قبول ڪيو ۽ هن فرض ڪي پلي پت انجام ڏنو.“[١١] تنهن هوندي بہ، پير صاحب نهايت ڪسر نفسي کان ڪم وٺندي ’گذارش‘ جي عنوان هيٺ لکيو، ”١٩٥٢ع ۾ ٻہ علمي ڪم سنڌ يونيورسٽيءَ جي حوالي ڪيا ويا هئا. هڪ هي تہ شاهہ جي ڪلام جو اردو ترجمو ڪيو وڃي ٻيو هي تہ ’سنڌي اردو‘ ۽ ’اردو — سنڌي‘ لغتون لکرايون وڃن. ان زماني ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب وائيس چانسلر هو. جڏهن اهو مسئلو پيش آيو تہ هن مون ڪي فرمائش ڪئي تہ هن سڄي ڪم جي تڪميل ۽ سارسنڀال جي ذميداري مان قبول ڪريان. اول تہ هي ٻئي ڪم علمي ۽ ضروري هئا، وري علامہ صاحب جهڙي شفيق بزرگ جو حڪم، مان پنهنجي بي مايگي باوجود انڪار نہ ڪري سگهيس.“[١٢]





پير صاحب سنڌ جي علمي ادبي تاريخ جا اهم فارسي ڪتاب جهڙوڪ مثنوي چنيسر نامہ، تذڪرہ مقالات الشعراء، مثنوي مظهر الآثار، تذڪرہ تڪملہ مقالات الشعراء، ارمغان، مثنويات وقصائد، هشت بهشت، روضة السلاطين وجواهر العجائب (مع ديوان فخري هروي)، مڪلي نامہ، ترخان نامہ جن ڪي پير صاحب جاکوڙ ڪري منظر عام تي آندو، ان کان اڳ اهي گمنامي جي غارن ۾ هئا. انهن ڪي پڙهندڙن آڏو آڻڻ خاطر انهن ڪي مقدمن، حاشين، تعليقات، تاريخي آثارن جي تصويرن ۽ نقشن سان سنواري، سڌاري ۽ سينگاري نئين سِر شايع ڪرائي، سچ پچ تہ پير صاحب هڪ طرف سنڌ، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌي علم ادب جي نهايت وڏي خدمت ڪئي، تہ گڏوگڏ اُن ريت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر انگيز شاعري جو تاريخي، سماجي ۽ سياسي پسمنظر پڻ پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو. سنڌ جي عظيم محقق ۽ اسڪالر پير حسام الدين راشدي، پهرين اپريل ١٩٨٢ع تي وفات ڪئي. ڪيس سنڌ جي تاريخي قبرستان مڪليءَ ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي آخري آرام گاهہ جي احاطي ۾، ۽ سنڌ جي عظيم شخصيت شيخ عبدالمجيد سنڌي جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو.

## حوالا


١. سيد، جي. ايم، ’جنب گذاريم جن سين‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠٠٤ع، ص: ٤٥٣.
٢. راشدي، حسام الدين، سيد، ’ڳالهيون منهنجي سنڌ جون‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٩٢ع، ص ص:٢٦٦-٢٦٧.
٣. ٹہ ماهي مهراڻ ’راشدي نمبر‘، ١٩٨٣/١ع، ص ص:٨-٧.
٤. ساڳيو، ص: ٨.
٥. ڀٽي، رشيد، ’پير حسام الدين راشديءَ جي افسانہ نگاري‘، (مقالو)، هلال پاڪستان مئگزين ڪراچي، سيپٽمبر ١٩٨٣ع، ص ص: ٧١-٧٠.
٦. اياز، شيخ، ’رسالہ شاهہ عبداللطيف‘، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، ١٩٦٣ع، ص: ٥
٧. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان (مرتب)، ’لطيف سالگرہ مخزن‘، ڀٽ شاهہ مرڪز ڪاميٽي حيدرآباد، ١٩٦١ع، ص: ١٢.
٨. ساڳيو، ص ص: ١٤-١٣.
٩. راشدي، حسام الدين سيد، ’ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ١٩٨١ع، ص ص: ٦٢٤-٦٢٥.
١٠. منگي، محمد عثمان (مرتب): ’سڄڻن جا سلام‘، سنڌ ماٺڪ موتي تنظيم، ٢٠٠٥ع، ص: ١٢٣.
١١. اياز، شيخ، ’رسالہ شاهہ عبداللطيف‘، سنڌ يونيورسٽي’ حيدرآباد، ١٩٦٣ع، ص: ٦.
١٢. ساڳيو، ص: ر.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair